اسحاق سميجو

# شاعريءَ جا مُحرڪ

***Abstract***

**Impulsive forces of Creativity**

*A poet was asked, how he creates poetry? To which he replied that, ‘I don’t know’? This reply is endorsed by many poets.*

*Poetry is a creative activity, unless one enters into the art and domain of creative field, one can not create any thing.*

*Poetry possess, an impulse, both internal as well as external, which compels an artist to take up weapons from inside in the form of impulses; also from outside in the form of natural scenes and artificial attractive places of beauty which compels one to praise, appreciate and create poetry for others to enjoy.*

*In this paper some ways and means of creative activity have been presented. Some references have quoted from sayings of great thinkers, poets and critics.*

*Shah Latif, Shaikh Ayaz from Sindhi Literature and Eliot from English Literature have been quoted, from their poetry and criticism.*

**آمريڪي** شاعره **ايمي لوويل** پنهنجي هڪ مضمون ’شاعريءَ جي تخليق جو طريقو‘ ۾ لکي ٿي، تہ جيڪڏهن ڪو ڪانئس ڄاڻڻ چاهي تہ نظم ڪيئن جڙندا آهن؟ تہ هوءَ کين سڌو جواب ڏئي ڇڏيندي تہ ”مون کي خبر نہ آهي.“ دراصل هر شاعر جو شايد اهو ئي جواب هجي ، تہ هن جي ذهن جي سطح تي شعر جي صورت ۾ رکي رکي، جيڪي نوان نوان اُهاءَ ٿين ٿا. سي اوچتو ڪٿان ڦٽي نڪتا آهن؟ ”ڪو اهڙو سچ آهي ضرور، جنهن جي روشنيءَ ۾ ساڳيا ئي لفظ ڪَوِيتا ٿي نظر ٿا اچن، جيڪي ان کان ٻاهر نثر يا ٻيو ڪجھ ٿي سگهن ٿا. پر ان سچ کي ڏسڻ لاءِ ڪنهن ٻي ڏاريءَ روشنيءَ جي ضرورت نہ آهي. ان کي بہ ان ٻي روشنيءَ ۾ ئي پسي سگهجي ٿو. يعني ڪويتا کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صرف ڪويتا وسيلي ئي ڄاڻي سگهجي ٿو.“(1)

جهڙيءَ ريت شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ اسان وٽ سڀ ڪان موزون وسيلو خود شاعريءَ جو ئي آهي، تهڙيءَ ريت شاعريءَ جا محرڪ بہ خود شاعريءَ منجهان ئي ڳولي لهڻ جي ڪوشش ئي وڌ ۾ وڌ ڪارگر ثابت ٿيڻ جو امڪان آهي، ۽ ان ڏس ۾ خارجي عناصر شايد اسان جي هڪ حد تائين ۽ واجبي مدد ئي ڪري سگهن ٿا. شاعري ڇاڪاڻ تہ ادب جو ئي حصو آهي، تنهن ڪري شاعريءَ جا محرڪ بہ اهي ئي ٿيندا، جيڪي لڳ ڀڳ باقي سموري ادب جا ٿيندا آهن، ۽ اهي ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ تن بابت **هڊسن** لکي ٿو تہ، ” لٽريچر ان جو پختو رڪارڊ آهي:

(1) جيڪِي انسان زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي،

(2) جيڪِي انسان وٽ زندگيءَ جي تجربي طور موجود آهي، ۽

(3) جيڪِي انسان انهن مامرن جي باري ۾ سوچيو ۽ محسوس ڪيو آهي،

جن ڪي اسان سڀني جي لاءِ جٽادار ۽ انتهائي نزديڪ ۽ شخصي اهميت حاصل آهي.“(2)

ائين **هڊسن** ادب کي ليکڪ جي ”مشاهدي، تجربي، نڪتئہ نظر ۽ محسوسات جو رڪارڊ“ ٿو تصور ڪري، پر ظاهر آهي تہ اهو رڪارڊ ڪنهن روزاني ڊائريءَ نما رڪارڊ نہ آهي ۽ نہ ئي مختلف واقعن، جاين ۽ موقعن جي تصويري البم جهڙو رڪارڊ آهي. هن رڪارڊ ۾ گهڻو ڪجھ اهڙو آهي، جيڪو انسان جي ذاتي ۽ شخصي زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن کان ٻاهر بہ وجود رکي ٿو ۽ جنهن ۾ گهڻيءَ حد تائين ليکڪ جي مبالغي، وڌاءَ ۽ فنڪارانہ حسن ڪاريءَ جو بہ عمل دخل آهي. هڪ هنڌ **شيخ اياز** انگريز شاعر **وليم بليڪ** جو اهو خيال نقل ڪيو آهي تہ، ”ڪلاڪارن يا ڪوين کي Divine visionيعني ايشوري درشتي يا رحماني مشاهدو مليل آهي ۽ اهي Atimel moment ۾ گهارن ٿا، انادي پل ۾ يا ابدي لمحي ۾ گهارن ٿا. ڇو تہ ان وقت ئي شاعر جو ڪاريہ پورو ٿئي ٿو ۽ وقت جا سارا وڏا واقعا شروع ٿين ٿا يا تصور ۾ اچي سگهن ٿا، فقط هڪ پل ۾، دل جي ڌڪ ڌڪ ۾... اهو پل جڏهن پرهہ پارون ٿي اچي ۽ ان جون سڳنڌون ڦهلجي وڃن ٿيون، هڪ پهاڙي جهرڻي وانگر آهي، جو صاف سنگ مرمر جي ڌارا مان وهي نڪري ٿو ۽ ان کي شاعر جا ابدي مشاهدا اتساهن ٿا.“(3) جيتوڻيڪ **بليڪ** هتي شاعر کي حاصل الهامي قوتن واري تصور واري ڳالھ ورجائي آهي، پر هن

جي ”ابدي مشاهدن“ واري اشاري منجهان اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو، تہ هن جي خيال موجب هڪڙا مشاهدا اهڙا بہ آهن، جيڪي شاعر خود سڌيءَ ريت حاصل نہ ڪيا آهن، تڏهن بہ ان جو لا شعور يا تحت الشعور انهن بابت آگاهي رکي ٿو. ٻئي پاسي جديد نفسيات وري ماڳهين ان ڏس ۾ سالن جي زندگي جيئندڙ ماڻهوءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو دامن لکين سالن تائين ڦِهلي ڪٽي وئي آهي. نفسيات جي هڪ ماهر ۽ فلسفي **ڪال يُنگ** ان ڏس ۾ چوي ٿو تہ، ماڻهوءَ جي شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور ۾ اهي ڳالهيون، واقعا، تجربا، ويچار ۽ خواب بہ گڏ ٿيل آهن، جيڪي هن جي ابن ڏاڏن جي تجربن يا زندگيءَ جو حصو رهيا هئا. جڏهن تہ انسانيت جي گڏيل تجربن جو بہ هڪ چڱو ذخيرو ماڻهوءَ جي يادگيرين ۾ محفوظ ٿيل آهي، تنهن ڪري تخليق جي محرڪن جي کوج لڳائڻ يقيناً آسان ڳالھ نہ آهي.

دراصل آرٽ، پوءِ ان جو پلي تہ ڪهڙو بہ فارم هجي، تَنهن جي وجود ۾ اچڻ پٺيان جيڪي بہ محرڪ ڪارفرما ٿين ٿا، سي ڪي اڳواٽ طئي ٿيل، سڌا سنوان ۽ بلڪل واضح هرگز بہ نہ ٿا ٿين. هر پيري شاعر، فنڪار يا مصور ڪنهن نئين جذبي، ڪنهن نئين امنگ ۽ اتساھ سبب جنبش ۾ اچي ٿو ۽ لفظن يا رنگن سان ان ۾ زندگيءَ پرڻ جو ڪم ڪري ٿو. ان تحرڪ جو محرڪ ڪڏهن ڪو داخلي ۽ اندروني جذبو هوندو آهي تہ ڪڏهن خارجي ۽ ٻاهريون عنصر. ڇاڪاڻ تہ فنڪار نہ رڳو پنهنجيءَ اندروني دنيا تي ئي اڪتفا نٿو ڪري سگهي، بلڪ سڪٽو ٻاهرئين جهان جي رنگينين ۽ رعنائين کي بہ ڪل ڪائنات سمجهڻ جي غلطي نہ ڪندو. فنڪار تہ شاھ لطيف جي لفظن ۾: ”جاءِ نہ سارو ڏينهن، هينئڙو اوٺي وڳ جئن“ واري ڪيفيت ۽ حالت مان گذري ٿو. ان صورت ۾ سندس تخليق جو زندگيءَ، سماج ۽ فطرت جي سمورن رنگن کان محظوظ ۽ متاثر ٿيڻ عين فطري آهي. ٻئي طرف ڪو بہ تجربو ۽ مشاهدو ڪنهن بہ شعر جي تخليقي عمل ۾ ڪڏهن بہ سڌيءَ ريت ۽ پنهنجيءَ اصل حالت ۾ ڪم نٿو اچي، بلڪ اهو شاعر جي لاشعور ۾ حل ٿيڻ کان پوءِ، ڪنهن نئين ۽ انوکي روپ ۾ نکري سامهون اچي ٿو. جيئن هڪ ٻج زمين ۾ حل ٿي، جڏهن اسري ٿو تہ، ٻج نٿو رهي، ڪنهن سَلي جي صورت ۾ ڏيکائي ڏئي ٿو ۽ ڪيس ڪو ئي بہ ”سڪٽو ٻج“ سڏي نٿو سگهي، نہ ئي فقط ۽ فقط ٻج جو نتيجو. بلڪ زمين سان رلي ملي وڃڻ کان پوءِ، ٻج بہ انهن محرڪن مان فقط هڪ محرڪ جي حيثيت اختيار ڪري ٿو وٺي، جيڪي گڏجي سڏجي سلي کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وجود ۽ زندگي عطا ڪن ٿا. ائين ئي شعر ۾ ڪو بہ خارجي يا داخلي تجربو، سڌو سنئون شعر بڻجي سامهون نٿو اچي، جنهن جي آڌار تي ان کي شاعريءَ جو اڪيلو محرڪ قرار ڏئي سگهجي. ان بعد شعر جي پنهنجي مخصوص فني بناوت، تخيلي انداز ۽ افسانوي حسن ڪاريءَ جي سبب، شعر جو محرڪ ڪڏهن بہ واضح ٿي ناهي سگهندو. آرٽ جو اصل حسن آهي ئي ان جو تخيل آميز لهجو ۽ مبالغي آرائيءَ تي ٻڌل انداز. جڏهن هڪ شاعر جي شعر ۾ محبوب ۽ چنڊ جو ذڪر ڏسون ٿا، تڏهن سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ شاعر کي چنڊ ۽ محبوب مان ڪنهن هڪ شيءِ لازمي طور وڏيڪ اتساهيو آهي، جيڪو ئي ان جو ”اولين محرڪ“ آهي. البت اهو طئي ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو تہ شعر جو اصل محرڪ چنڊ جو جادو آهي، يا محبوب جو حسن؟ يا ٻيئي؟ يا اجا بہ شاعر جي پنهنجي دلي ۽ جذباتي حالت؟ يا ڪو خاص موقعو، جنهن شاعر جي دل کي رومانوي ڪيفيت ۾ مسرور ۽ سرشار بڻائي ڇڏيو آهي!

”تخليق جو پَل ڪوشش ۽ ڪاوش سان ڪڏهن بہ گرفت ۾ نٿو اچي. هي تہ نتيجو ۽ انجام هوندو آهي هڪ گهري بي چيني، اضطراب ۽ خلش جو، ڪنهن خواهش، خواب ۽ ٻولا جي سرگرميءَ جو، مهجور، مايوس ۽ محروم احساس جي گِريي ۽ ماتم جو، يا سرشاري، سرمستي ۽ سُرور جي طوفان جو. جڏهن خيال، جذبو ۽ احساس هڪٻئي ۾ ضم ٿي تصويرن ۽ منظرن جو نگارخانو بڻجي ويندا آهن، تہ عالمِ حيرت جي سير ۽ سياحت دوران اسان جو شعور ۽ وجدان پنهنجي مزاج ۽ معيار موجب ان بزم جا ڪجهہ حصا منعڪس ۽ منور ٿيندي ڏسندو آهي ۽ انهن کي لفظ، لئي ۽ رنگ ۾ بدلائڻ لڳندو آهي. ان فضا ۽ ڪيفيت کي بيدار رکڻ لاءِ ڪئين اندروني ۽ بيروني محرڪ سرگرم رهندا آهن، جن ۾ احساس ۽ جذبي جي ڪارفرمائي سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ مرڪزي اهميت رکندي آهي. ان نموني اسان کي خارجي حالتون، وارداتون ۽ واقعا بہ متاثر ڪن ٿا ۽ ڪنهن سبب ڏک، خوشي، چڙ ۽ لاچاريءَ جو احساس بہ احتجاج ۽ اظهار جو خواهشمند هوندو آهي. ڪا ڳالهہ، ڪا محرومي، ڪا خواهش ۽ ڪا ڪاميابي اسان کي سُرور ۽ خوشيءَ سان گڏ گڏ خود رحمي ۽ خودفريبيءَ جي ڄار ۾ بہ ڦاسائي وجهندي آهي. ان ڪيفيت جي اثر هيٺ جذباتي اڇل کي طبعي موزونيت وسيلي شاعريءَ جي فارم ۾ منتقل ڪرڻ اسان جي تخليقي سرگرميءَ جو انتهائي عروج هوندو آهي.“ (4)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻئي طرف ڪائنات جو هر رنگ، رخ ۽ پاسو پنهنجي اندر ۾ هڪ نئون جهان سنڀاليو ويٺو آهي. (سَرسري هم جهان سي گذري، ور نه هر جا جهانِ ديگر تا- مير) توهان هڪ وڻ جو ڪو ننڍڙي ڪان ننڍڙو پَن به ڪٽي ڏسو، ڪنهن گل جي ڪا پنکڙي، ڪنهن پوپٽ جو ڪو پَر، ڪنهن مورَ جو هڪڙو ڪنب- هر شيءِ ۾ فطرت ۽ قدرت عجيب جادوگرانه وسعت، رنگا رنگي، دلڪشي ۽ اثر پريو آهي. ڏينهن جي هر پهر ڪي پنهنجو مزاج ۽ پنهنجي انفرادي خوبي حاصل آهي ته عمر جي هر ڏاڪي جو پنهنجو حسن، رنگ ۽ موهُ آهي. ٻيو ته هڪ شاعر جي دل ۾ ذاتي، سماجي ۽ انساني تجربا ائين گڏ ٿيندا رهندا آهن، جيئن ماڪيءَ جي ماناري ۾ گلن جي رَس يا جيئن سمنڊ ۾ مختلف ندين ۽ نهَرن جو پاڻي. اهي تجربا هڪٻئي ۾ ضم ٿي، هڪ نئين صورت وٺي سامهون ايندا آهن، جنهن سبب پنهنجو اصلوڪو ۽ بنيادي رنگ ۽ ذائقو وڃائي ويهندا آهن. اڪثر اهي ٻين تجربن ۾ اهڙيءَ ريت حل ٿي ويندا آهن، جو انهن کي ڌار ڌار ڪري ڏسڻ ممڪن ئي ناهي هوندو. ان ڪري ڪنهن به گيت، نظم ۽ غزل وغيره لاءِ اهو ٻڌائڻ يا طئي ڪرڻ ته ان جو محرڪ فقط فلاڻو مخصوص واقعو يا فلاڻو ظاهري جذبو يا فلاڻو سماجي ۽ ذهني تجربو آهي، مشڪل ئي نه، ناممڪن به آهي. البته ان نظم ۾ حاوي عنصر يا جذبي جي نشاندهي ناممڪن نه آهي. ان پريشانيءَ جو اهم ۽ بنيادي ڪارڻ هڪ شاعر جو مزاج يا تخليقي رويو آهي، جيڪو باقي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ بلڪل مختلف ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڳهين ابتڙ ثابت ٿئي ٿو، جيڪو دراصل ڪا به فرمائشي ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. (جيتوڻيڪ اها ڳالهه به درست آهي ته دنيا جا ڪيترا ئي شاهڪار پڻ فرمائش جي نتيجي ۾ يا ارادي تحت لکيا ويا آهن، جيئن فردوسيءَ جو "شاهنامو"، جيئن قديم دور جي عربي، فارسي ۽ اردوءَ جي اڪثر شاعرن جا قصيدا- يا جيئن منظوم ناٽڪ ارادي ۽ رٿابنديءَ سان لکيا وڃن ٿا. تڏهن به اوهان اهڙيءَ ڪنهن به تخليق منجهان ان جا محرڪ جذبا ڳولڻ لڳندؤ، ته هر ڀيري هڪ نئين حيرت سان منهن مقابل ٿيڻو پوندوَ.)

ان جي باوجود ته ڪنهن به شعر جو محرڪ ڳولي لهڻ آسان نه آهي، تڏهن به اها ڳالهه ته طئي آهي ته شاعريءَ جي تخليق انساني ذهن جي پيداوار ئي آهي ۽ اهو ذهن ظاهر آهي ته ڪنهن خاص سماج، علائقي، خطي ۽ ماحول ۾ جيئي، اتي ويهي ۽ ساهه کڻي ٿو، تنهن ڪري ان جي "لَپي سگهڻ جهڙن" تخليقي محرڪن کي سندس مخصوص

ثقافتي ۽ علائقائي پس منظر کان ٻاهر جاچي ۽ ڳولي لهڻ ممڪن نہ آهي. نہ فقط پرکڻ ۽ تجزيي ڪرڻ جي خيال کان، پر "ماڻڻ" جي لاءِ بہ شعر جو اصل سماج، ماحول ۽ پس منظر ڄاڻڻ ضروري آهي. اهو شخص جنهن ٿر نہ ڏٺو آهي، سنڌ جي ساحلي علائقي جو مشاهدو نٿو رکي، ڪوهستان کان واقف نہ آهي، اتان جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، ماڻهن جي سماجي حالت ويندي وڻن ٽڻن ۽ پکي پکڻن، انهن جي عادتن ۽ فطرت جي آگاهي نٿو رکي، شعرن ۾ استعمال ٿيل لفظن جي سماجي، ثقافتي ۽ معنوي پس منظر ۽ نزاڪت کان واقف نہ آهي، اهو شاهہ جو "سُر سارنگ"، "سامونڊي" ۽ "ڪوهياري" کي ان سطح تي ماڻي بہ نٿو سگهي، جيڪا سطح انهن سُرن جو اصل معراج ٿي سگهي ٿي، پوءِ ڀلي تہ سندس ست نسل سنڌ ۾ ئي ڇو نہ رهيا هجن. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ شاعري پنهنجي زمين، پنهنجي ماحول، پنهنجي مخصوص علائقائي پس منظر منجهان ئي جنم وٺندي آهي ۽ اها ان مخصوص سماجي پس منظر کان جدا ڪري سمجهڻ ڪنهن بہ ريت ممڪن نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ جو تعلق زندگيءَ ۽ ان جي مختلف مظهرن سان آهي ۽ زندگي پنهنجن سمورن مظهرن ۾ هڪ مخصوص تهذيبي پس منظر رکي ٿي. اهو مخصوص تهذيبي پس منظر ئي ان کي انفرادي حسناڪي ۽ تخليقي محرڪ عطا ڪري ٿو. اسلوب کان وٺي لفظن، محاورن، ترڪيبن، ڪناين، استعارن، ڪردارن توڙي موضوعن تائين، هڪ بہ اهڙي شيءِ نہ آهي، جيڪا ان مخصوص تهذيبي اثرن کان محفوظ يا بچيل هجي، جنهن ۾ شعر ظهور پذير ٿيو آهي. ايليٽ جي اها ڳالهہ بہ غلط نہ آهي تہ شاعري جذبات جي بي ساختہ اڇل آهي، پر اهي جذبا خود بہ ڪنهن خاص ماحول ۽ حالتن جي پيداوار هوندا آهن ۽ ڪنهن اهڙيءَ دل منجهہ اپرندا آهن، جيڪا هڪ معاشري ۾ ساهہ کڻندي آهي. "شاعريءَ کي من جي موج بہ چيو ويو آهي، يعني اها لفظن وسيلي داخلي ڪيفيتن ۽ جذبن جو اظهار آهي. داخلي ڪيفيتون عالمگير ٿينديون آهن. مثلن محبت ۽ نفرت، غم ۽ خوشي، اميد ۽ نااميدي، حسرتن جو بيان يا انهن جو قتل. اهي سڀ جذبي ۽ تخيلي تجربي جون مختلف صورتون آهن. جاگرافيائي يا سماجي حدبندين سان انهن جو ڪو لڳ لاڳاپو نہ آهي. شاعري زمان يا مڪان جي پابند نہ ٿيندي آهي. انسان ڪٿي بہ هجي ۽ ان جو واسطو ڀلي تہ ڪهڙي بہ سماج سان هجي، درد ۾ جيڪڏهن سچائي ۽ خلوص آهي تہ هو ان کان ضرور متاثر ٿيندو، پر شاعري محض جذبات نہ آهي. ان ۾ حالتن ۽ واقعن جو پرتو بہ ڏسي سگهجي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو. رمزيہ پهلوئن سان گڏوگڏ شاعريءَ منجهہ بياني امڪان بہ موجود هجن ٿا. هر ٻوليءَ جي شاعريءَ جو پنهنجو هڪ مزاج ٿيندو آهي، ان جي پنهنجي فضا ٿيندي آهي، پنهنجو ماحول ۽ پنهنجو پس منظر هوندو آهي، جنهن وسيلي اها پنهنجي ذهني تصويرن لاءِ رنگ حاصل ڪندي آهي. ان ئي فضا ۽ ماحول جو واسطو معاشرت سان آهي. ان حوالي سان ڪنهن بہ معاشري جي شاعري پنهنجي ماحول ۽ معاشري کان بي نياز نٿي رهي سگهي."(5) شعر پنهنجي سماج سان ائين ڳنڍيل آهي، جيئن ڪو بہ عضوو جسم سان جڙيل ٿيندو آهي ۽ ان کان ڌار رهي، اهو پنهنجي زندگيءَ توڙي قوت، ٻنهي کان محروم رهجي ويندو آهي، ائين شعر پنهنجي سماج، ان جي ماحول، زندگيءَ ۽ آبهوا جو حصو ٿي، ڇڙ تہ پنهنجي لاءِ جيئڻدان تلاش ڪري وٺندو آهي. ڇاڪاڻ تہ بهرحال شعر هجي يا انسان، ٻنهي وٽ زندگيءَ کي ئي اوليت ۽ معنيٰ آهي.

هڪ شاعر هڪ ئي وقت پنهنجي حال ۾ بہ جيئندو آهي ۽ ماضيءَ ۾ بہ. مستقبل تہ هن جو تخيل آهي، جنهن وسيلي هو پنهنجي تصور جون جنتون خلقڻ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. تنهن ڪري شعر لکڻ وقت هن جو شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور هڪ هنڌ گڏجي پون ٿا ۽ تخليق جا محرڪ خود شاعر جي ادراڪ ۽ فهم جي قوت کان بہ مٿانهان محسوس ٿين ٿا. تڏهن بہ ڪن خاص حالتن، موسمن، منظرن ۽ ڪيفيتن کي خاص شاعراڻيون موسمون يا تخليق لاءِ سازگار حالتون تصور ڪيو وڃي ٿو. "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"(1963ع) ۾ شيخ اياز، جاپاني ليکڪ ڪَنو زورايوڪيءَ جو هڪ رايو نقل ڪندي لکي ٿو: "جڏهن هو بسنت جي باک ۾ ڇٽندڙ پنن جو آواز ٻڌن ٿا، جڏهن هو برفباري ڏسي ٺڏو ساهہ ڀري، آرسيءَ ۾ پنهنجي پيشانيءَ تي گذرندڙ ورهين جا پيرا ڏسن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اختصار تي سوچڻ لڳن ٿا، جڏهن هو ڪيترو ئي وقت فارغ البال رهن ٿا ۽ پوءِ قسمت هنن کي تنهائيءَ جي غار ۾ ڏِڪي ڇڏي ٿي، يا جڏهن هنن جو محبوب هنن سان بيوفائي ڪري ٿو."

پنهنجي شعر جي محرڪن بابت اياز لکي ٿو: "ائين آهي تہ ڪڏهن ڪنهن ٻاهرين ترغيب (Stimulus)منهنجي شاعريءَ جو لبلبو دٻايو آهي، ڪڏهن ان جو محرڪ ڪو ئي ياد آيل منظر آهي، يا ڪو ئي آواز، خيال يا جذبو آهي. جيتوڻيڪ مون ان تي يڪدم ڪجهہ ورلي لکيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مون ان کي چاليهہ پنجاهہ سالن گذرڻ کان پوءِ نظمايو آهي. ڪنهن وقت شاعريءَ جي اوائلي من-اڇل منهنجي سار

سنيار کي لنوائي وئي آهي ۽ مان ڏاڍيءَ هينئين-ڳُهر کان پوءِ به ان کي قولي نه سگهيو آهيان، ۽ اها منهنجي حافظي جي ڪنهن چُر ۾ ڇپي آهي. ڇَڙو ڪنهن ڪنهن وقت اها ڪارڻ سان يا اڪارڻ منهنجي هينئين ۾ هُري آهي، جيئن مڇي تر مان ڇَر تي تي ايري ايندي آهي. ان وقت ايئن لڳندو آهي ته اوچتو ڪا ئي وينگس مونگهڙو هٽائي هلي آئي آهي، ۽ لريءَ ۾ اوڏڻ لاءِ مون کان شاعريءَ جي شال ورتي اٿائين." (6)

باوجود ان جي ته ڪنهن به شعر جي اصل محرڪ جذبي جو تعين ڪرڻ مشڪل آهي، تڏهن به اها ڳالهه بلڪل طئي آهي ته هر شعر ڪنهن نه ڪنهن انساني تجربي، احساس ۽ سماجي شعور جو ئي نتيجو يا ردعمل ٿيندو آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ان تجربي کي شعر ٿيڻ ۾ سال لڳي ويندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو هڪدم زورائتي اڇل سان سامهون اچي ويندو آهي. انساني ذهن هڪ اهڙي اسٽور روم وانگر آهي، جنهن ۾ هر قسم جا سٺا توڙي خراب، منفي توڙي مثبت، انفرادي توڙي اجتماعي تجربا ۽ مشاهدا گڏ ٿيندا رهن ٿا. انهن تجربن مان ڪي شعر لاءِ پاڻ جي طور تي ڪم اچن ٿا ته ڪي ان جي پيدائش ۾ ٻج جو ڪم ڏين ٿا، ڪي ان جي سندرتا ۽ رنگت کي وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا ته ڪي تاثر ۽ تاثير جي جاءِ والارين ٿا. مطلب ته هر تجربو، شعر جي ڪنهن نه ڪنهن اندروني يا ظاهري وجود جي سوڌ سنوار ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

## حوالا


1. واسواڻي، هريش، پروفيسر، 'ساهت جا سڌانت' (مرتب: انند ڪيماڻي)، سي. ڪي ڪيماڻي، 1969ع، ص:40 .
2. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1978ع، ص: 67 .
3. شيخ اياز، 'خط انٽرويو تقريرون' (پاڳو ٻيو)، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1991ع، ص: 192 .
4. هاشمي، منظور، ''ادب ڪا بدلتا منظرنامه'، اردو مابعد جديديت پر مڪالمه، (مرتب: گوپي چند نارنگ)، سنگِ ميل پبليڪيشنز، 2000ع، ص: 447 .
5. نارنگ، گوپي چند، 'قديم اردو شاعري ڪا معاشرتي پسمنظر'، ڪتاب: اردو اور سيڪيولر زم، مرتب: اقبال خان، نگارشات لاهور، 1989ع،ص: 25.
6. شيخ اياز، 'چوليون ٻوليون سمنڊ جون'، دانيال ڪراچي، 1993ع، ص: 30.